هفتيوار رسالو

# ڪاڌي جون
## 92 سنتون ۽ آداب

- ڪِريل داڻا کائڻ جا فضائل
- ڪاڌي ڪان پوءِ مسح ڪرڻ سُنت آهي
- برڪت وڃائڻ وارا ڪم




شیخ طریقت، امیر اہل سنت، بانی دعوت اسلامی، حضرت علامہ مولانا ابو بلال
محمد الیاس عطار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ



پیشکش: المدینۃ العلمیۃ (دعوت اسلامی)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **ڪاڏي جون 92 سنتون ۽ آداب**

ڇاپو پهريون: ربيع الآخر 1446هه، جولاءِ 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# ڪاڏي جون 92 سنتون ۽ آداب

## پيشڪش

## المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# كاڏي جون 92 سنتون ۽ آداب

دعاءِ عطار! يارَبِّ كريم! جيكو بہ مكمل رسالو”كاڏي جون 92 سنتون ۽ آداب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان كي هميشہ سُنّت جي مطابق كاڏي پيتي جي توفيق ڏي ۽ ان جي والدين سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## كاڏي جي نيت كري ڇڏيو

(1) **كاڏي** مان مقصد لذت حاصل كرڻ ۽ خواهش كي پورو كرڻ نہ هجي بلڪ كائڻ وقت هي نِيَّت كريو تہ ”مان اللّٰه پاڪ جي عبادت تي قوت حاصل كرڻ جي لاءِ كائي رهيو آهيان“ ياد رهي! كائڻ ۾ عبادت تي قوت حاصل كرڻ جي نِيَّت انهيءَ صورت ۾ سچي ٿيندي جڏهن بُک كان گهٽ كائڻ جو بہ ارادو هجي نہ تہ شروع كان نيّت ئي كوڙي ٿي پوندي ڇو تہ خوب پيٽ پري كائڻ سان عبادت جي لاءِ قوت حاصل ٿيڻ بدران اجان وڌيڪ سُستي پيدا ٿيندي آهي، كاڏي جي عظيم سنّت هي آهي تہ بُک لڳل هجي ڇوتہ بنا بُک جي كائڻ سان طاقت تہ ڇا ايندي، ويتر صحت خراب ۽ دل بہ سخت ٿي ويندي آهي، حضرت شيخ ابوطالب مكي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ روايت ۾ آهي تہ ”ڏؤ هجڻ جي

حالت ۾ کائڻ برص (ڪوڙهه) پيدا ڪندو آهي“. (قوة القلوب ج2 ص 326) (2) اهڙو دسترخوان وڇايو جنهن تي ڪو حرف، لفظ، عبارت، شعر يا ڪمپني وغيره جو نالو سنڌي، اردو، انگريزي ڪنهن به زبان ۾ نه لکيل هجي. (3) کاڌي کائڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ ٻئي هٿ ڪرائين تائين ڌوئڻ سنّت آهي،ڳرڙيون ڪري وات جو اڳيون حصو ڌوئي ڇڏيو. پرکائڻ کان اڳ ڌوتل هٿ نه اُگهو، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”کائڻ کان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني هٿ منهن ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي آڻيندو ۽ شيطان کي پري ڪندو آهي.“ (ڪنزالعمال ج 15 ص 106 حديث 40755) (4) جيڪڏهن کاڌي جي لاءِ ڪنهن وات نه ڌوتو ته ائين نه چئبو ته ان سنّت ڇڏي ڏني. (ملخصًا از بهارِ شريعت حصو 16 ص 18) (5) کائڻ وقت کابو پير وڇائي ڇڏيو ۽ ساڄو گوڏو اڀو ڪريو يا ويهڻ واري جڳهه زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اڀا رکو يا گوڏا پَٽِجي ويهو، تنهي مان جهڙي طرح به ويهندؤ سنّت ادا تي ويندي.

## پردي ۾ پردي ڪرڻ جي عادت بڻايو

(6) اسلامي ڀائر هجن يا اسلامي ڀينرون سيئي چادر يا ڀِهراڻ جي دامن جي ذريعي پردي ۾ پردو ضرور ڪن نه ته جيڪڏهن ڪپڙا سوڙها هوندا ۽ ڀِهراڻ جو دامن ڪنيل هوندو ته گهر ڀاتي وغيره بدنگاهيءَ جي گناهه ۾ پئجي سگهن ٿا، جيڪڏهن ”پردي ۾ پردو“ ممڪن نه هجي ته گوڏا پَٽِجي ويهو جو سنّت به ادا تي ويندي ۽

پاٽمرادو پردو بہ ٿي ويندو، ڪاڏي ڪان علاوه بہ ويهڻ ۾ پردي ۾ پردو جي عادت بڻايو. (7) پلٽي هڻي ڪري ويهي ڪائڻ سنّت ناهي، ان سان پيٽ ٻاهر نڪرندو آهي. (8) پهرئين گره تي بِسۡمِ الله بئي ڪان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰن ۽ ٽئين ڪان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو. (احياءالعلوم ج 3 ص 6) (9) بِسۡمِ الله زور سان پڙهو تہ جيئن بين کي بہ ياد اچي وڃي.

(10) شروع ڪرڻ ڪان اڳ ۾ هيءَ دعا پڙهي وڃي، جيڪڏهن ڪاڏي پيتي ۾ زهر بہ هوندو تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اثر نہ ڪندو، دعا هي آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَایَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ یَاحَیُّ یَاقَیُّوۡمُ

(کنزالعمال، 109/15، حديث: 40792)

ترجمو: اللّٰه تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي، اي هميشه زنده ۽ قائم رهڻ وارا.

(11) جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ الله پڙهڻ وسري وڃي تہ ڪاڏي جي وچ ۾ ياد اچڻ تي هيئن چئو: بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ ترجمو: اللّٰه پاڪ جي نالي سان ڪاڏي جي شروعات ۽ پُڄاڻي.

## ڪائڻ وقت بہ الله جو ذڪر جاري رکو

(12) يَاوَاجِدُ جيڪو ڪاڏو ڪائڻ وقت هر گره تي پڙهندو اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم!

اهو ڪاڌو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري ختم ٿيندي. (13) **هر گرھ** کان پهريان "الله" يا " بِسْمِ الله" چوندا وڃو ته جيئن ڪاڌي جو حرص ذڪرالله کان غافل نه ڪري سگهي، **هر ٻن گرهن جي وچ ۾** اَلحَمْدُلله! يَا وَاجِدُ ۽ بِسْمِ الله چوندا رهو اهڙيءَ ريت هر گرھ جي شروعات بِسْمِ الله سان، وچ ۾ يَا وَاجِدُ ۽ گرھ ختم ڪرڻ تي حمد (يعني اَلحَمْدُلله) جي ترڪيب ٿي ويندي. (14) نڪر جي ٿانوَ ۾ ڪائڻ افضل آهي ڇوته "جيڪو پنهنجي گهر ۾ نڪر جا ٿانوَ رکندو آهي، ملائڪ ان گهر جي زيارت ڪرڻ ايندا آهن". (ردالمحتار ج 9 ص 495) (15) **ياڄي** يا چنٽيءَ جي پيالي مانيءَ تي نه رکو. (ايضًا 490) (16) **هٿ** يا ڇُريءَ کي مانيءَ سان نه اُگهو. (ايضًا) (17) **زمين** تي دسترخوان وڇائي ڪري ڪائڻ سنّت آهي، ٽيڪ لڳائي ڪري، مٿي اگهاڙو يا هڪ هٿ زمين تي رکي ڪري، جوتا پائي ڪري، ليٽي ڪري يا پلٿي هڻي ڪري نه ڪائو. (18) **ماني** جيڪڏهن دسترخوان تي اچي وئي ته ياڄيءَ جو انتظار ڪرڻ بدران ڪائڻ شروع ڪري ڇڏيو. (ردالمحتار ج 9 ص 490) (19) **اوّل** ۽ آخر لوڻ يا ڇهري (نمڪين) شيءِ ڪائو جو ان سان ستر بيماريون پري ٿينديون آهن. (ايضاً ص 491) (20) **ماني** هڪ هٿ سان نه ٽوڙيو جو مغرورن جو طريقو آهي. (21) **ماني** ڪاٻي هٿ ۾ پڪڙي ڪري ساڄي هٿ سان ٽوڙيو، هٿ وڏائي ڪري ٿالھ يا ياڄيءَ جي ٿانوَ جي بلڪل وچ ۾ مٿي ڪري ماني ۽ ڊبل روٽي وغيره کي ٽُڪرا ڪرڻ جي عادت ٻڌايو، اهڙيءَ ريت مانيءَ جا ذرا ياڄيءَ ۾ ئي ڪِرندا. نه ته دسترخوان تي ڪري ضايع ٿي سگهن ٿا. (22) **ساڄي** هٿ سان ڪائو، ڪاٻي هٿ سان ڪائڻ، پيئڻ، ڏيڻ، ونڻ شيطان جو طريقو آهي.

## ٽـــن آڱرين سان کائڻ جي عادت وجهو

(23) ٽن آڱرين يعني وچين، شهادت واري ۽ آڱوٺي سان کاڌو کائو جو اها انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي، عادت بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن چاهيو ته شروع ۾ ساڄي هٿ جي وچين آڱر کي جهڪائي ڪري ان تي ربڙ بينڊ چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو ٽڪر ڪٽي ڪري انهن ٻنهي آڱرين سان تِريءَ جي طرف دٻائي رکو يا ٻئي عمل هڪ ئي وقت ڪريو، جڏهن عادت پئجي وينديءَ ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ربڙ وغيره جي ضرورت نه رهندي، حضرت ملا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ”پنج آڱرين سان کائڻ حريصن جي نشاني آهي“ (مرقاة ج 8 ص 9) جيڪڏهن چانورن جا داڻا ڌار ڌار هجن ۽ ٽن آڱرين سان گرهه ناهڻ ممڪن نه هجي ته چئن يا پنجن آڱرين سان کائي سگهجي ٿو.

## مانيءَ جو ڪنارو پَٽڻ

(24) ماني جو ڪنارو پٽي ڪري ڇڏي ڏيڻ ۽ وچ وارو حصّو کائي ڇڏڻ اسراف آهي، ها جيڪڏهن ڪنارا ڪچا رهجي ويا آهن ۽ ان جي کائڻ سان نقصان ٿيندو ته پٽي سگهجن ٿا اهڙيءَ ريت هي معلوم آهي ته مانيءَ جا ڪنارا ٻيا ماڻهو کائيندا ۽ ضايع نه ٿيندا ته پٽي ڇڏڻ ۾ حرج ناهي، ساڳيو ئي حڪم انهيءَ جو به آهي جو ماني ۾ جيڪو حصّو سجيل آهي اهو کائي ٿو باقي کي ڇڏي ڏئي ٿو. (ملخص از بهارِشريعت حصو 16 ص 18،19)

## ڏندن جو ڪم آنڊن کان نه وٺو

(26) گرهه ننڍو ڪٽو ۽ ان احتياط سان ته ٻَچ ٻَچ جو آواز پيدا نه ٿئي

۽ چگيءَ طرح چٻاڙي ڪائو جيڪڏهن چگي طرح چٻاڙڻ بنا ڳهي ڇڏيندؤ تہ هضم ڪرڻ ۾ معدي کي سخت تڪليف ٿيندي، تنهن ڪري ڏندن جو (چٻاڙڻ وارو) ڪم آنڊن کان نہ وٺو. (26) جيستائين ٻڙيءَ مان هيٺ نہ لهي ٻئي گرهہ ڏانهن هٿ وڌائڻ يا گرهہ ڪٽڻ کاڌي جي حرص جي نشاني آهي. (27) مانيءَ کي ڏندن سان پٽي کائڻ انتهائي بُرو ۽ بي برڪتيءَ جو سبب آهي، اهڙيءَ ريت بيني بيني کائڻ عيسائين جي پيروي آهي. (سنّي بهشتي زيور ص 565)

## کاڌو کائڻ مهل ميوا پهريان کائڻ گهرجن

(28) **اسان** وٽ ميوا آخر ۾ کائڻ جو رواج آهي، جڏهن تہ **حجة الاسلام** حضرت امام محمّد غزالي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ: ”جيڪڏهن ميوا هجن تہ اڳ ۾ اهي پيش ڪيا وڃن جو طبي لحاظ کان انهن جو کائڻ وڌيڪ فائديمند آهي، اهي جلدي هضم ٿي ويندا آهن تنهنڪري انهن کي معدي جي هيٺين حصي ۾ هئڻ گهرجي ۽ قرآن پاڪ مان بہ ميون جي مقدَّم (يعني اڳ ۾) هجڻ تي آگاهي حاصل ٿئي ٿي، جيئن تہ 27 هين سيپاري سُوۡرَةُالۡوَاقِعَةِ جي آيت نمبر 20، 21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوۡنَ ﴿٢٠﴾ وَلَحۡمِ طَيۡرٍ مِّمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿٢١﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ميوا جيڪي پسند ڪن ۽ پکين جو گوشت جيڪو چاهن.

(احياءُ العلوم ج 2 ص 21)

**منهنجا** آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روايت نقل ڪن ٿا ته ”ڪاڏي ڪان پهريان هنداڻو ڪائڻ پيٽ ڪي خوب ڌوئي ڇڏيندو آهي ۽ بيماريءَ ڪي پاڙ ڪان ختم ڪري ڇڏيندو آهي.“ (فتاويٰ رضويه جديد ج 5 ص 442)

## ڪاڏي مان عيب نہ ڪيو

(29) **ڪاڏي** مان ڪنهن قسم جو عيب نہ ڪيو، مثال طور هي نہ چئو تہ تيستي (مزيدار) ناهي، ڪچو آهي، لوڻ گهٽ اٿس، ڏاڍو تيز آهي يا ڦڪو آهي وغيره وغيره، پسند هجي تہ ڪائو. نہ تہ هٿ روڪي ڇڏيو، ها پَچائڻ واري ڪي مرچ مصالحي جي گهٽ وڌ ڪرڻ جي لاءِ هدايت ڏيڻي هجي تہ اڪيلائي ۾ سمجهائڻ ۾ حرج ناهي.

## ميــون مان عيب ڪيڻ وڏيڪ بروآهي

(30) **ميون** مان عيب ڪيڻ انسان جي پَچايل ڪاڏي جي مقابلي ۾ وڏيڪ بُرو آهي جو ڪاڌو پچائڻ ۾ انساني هٿن جو وڏيڪ دخل آهي جڏهن تہ ميون جي معاملي ۾ ائين ناهي. (31) **ڪاڏي** يا ٻاجي وغيره جي وچ مان نہ ڪٽو جو وچ ۾ **بَرَڪت** نازل ٿيندي آهي. (32) **پنهنجي** پاسي جي ڪناري ڪان ڪائو، هر طرف هٿ نہ هٽو. (33) **جيڪڏهن** هڪ ٿالهہ ۾ مختلف قسمن جون شيون آهن تہ ٻئي پاسي ڪان ٻہ ڪٽي سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڏو ڪائڻ مھل سُٺيون ڳالھيون ڪريو

(34) **ڪاڏو** ڪائيندي سنو سمجھي ڪري چپ رھڻ باھ جي پوچارين جو طريقو آھي، ھا ڳالھائڻ لاءِ دل نہ چاھيندي ھجي تہ حرج ناھي، ھونئن ئي فُضول ڳالھائڻ ھرحال ۾ نا مناسب ئي آھي، تنھنڪري ڪاڏو ڪائڻ مھل سنيون سنيون ڳالھيون ڪندا رھو، مثال طور جڏھن بہ گھر ۾ مِلي جُلي ڪري يا مھمانن وغيره سان ڪائي رھيا ھجو تہ ڪائڻ پيئڻ جون سنّتون بيان ڪريو، زھي نصيب! ڪاڏي جي ھنن مدني گلن جون فوٽو ڪاپيون فريم ڪرائي يا پاني تي لڳائي ڪري ڪاڏي جي جڳھ تي لڳايون وجن ۽ ڪائڻ مھل وقت بوقت پڙھي ڪري ٻُڌايون وجن.
(35) **ڪاڏو** ڪائڻ مھل ان قسم جي گفتگو نہ ڪريو جنھن سان ماڻھن کي نفرت اچي مثال طور دست، پيچش، الٽي وغيره جو تذڪرو. (36) **ڪاڏو** ڪائڻ واري جا گرھ نہ تاڙيو.

## سٺيون سٺيون ٻوٽيون ايثار ڪريو

(37) **ڪاڏي** ۾ سنيون سنيون بوٽيون ڪيدي رکڻ يا گڏجي ڪائي رھيا آھيو تہ ان لاءِ وڏا وڏا گرھ ڪٽي ڪري جلدي جلدي ڪائڻ تہ ڪٽي مان رھجي نہ وڃان يا پنھنجي پاسي گھٽو ڪاڏو گڏ ڪري ڇڏڻ، مطلب تہ ڪنھن بہ طريقي سان ٻين کي محروم ڪرڻ، اھو ڏسڻ وارن کي بدظن ڪري ڇڏيندو آھي ۽ اھو بي مُروّتن ۽ حريصن جو طريقو آھي، سنيون شيون پنھنجي اسلامي ڀائرن يا گھر وارن جي لاءِ ايثار جي نيّت سان

چڏي ڏيندؤ تہ اِنْ شَآءَ الله ثواب ماٽيندو، جيئن شهنشاهِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي تہ ”جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي پر ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (يعني پاڻ تي) اهميت ڏي تہ الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي“.

(اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 779)

## ڪِريل داڻا کائڻ جا فضائل

(38) **کائڻ** مهل جيڪڏهن ڪو داڻو يا گرهہ وغيره ڪِري پئي تہ کڻي صاف ڪري کائي ڇڏيو جو **مغفرت** جي بِشارت (يعني خوشخبري) آهي. (39) **حديث** پاڪ ۾ آهي، ”جيڪو ڪاڏي جا ڪِري پيل ٽڪرا کڻي کائي تہ اهو خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ۾ ڪم عقلي کان حفاظت رهندي آهي“.

(ڪنزالعمال ج 15 ص111 حديث 40815)

(40) حضرت امام محمّد غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ نقل فرمائن ٿا تہ مانيءَ جي ڪِريل ٽڪرن ۽ ذرن کي چونڊي وٺو، اِنْ شَآءَ الله! خوشحالي نصيب ٿيندي، ٻارصحيح سلامت ۽ بي عيب پيدا ٿيندا ۽ اهي ٽڪرا حورن جو **مهر** بڻبا.“ (احياءُ العلوم ج 2 ص 7)

(41) ڪِريل ماني کي کڻي ڪري چُمڻ جائز آهي. (42) دسترخوان تي جيڪي داڻا وغيره ڪِري پون انهن کي ڪڪڙين، جِهرڪين، ڳئون يا ٻڪري وغيره کي کارائي ڇڏڻ جائز آهي يا اهڙي جڳهہ تي احتياط سان رکو جو ڪِوليون کائين.

## ڪاڌي ۾ ڦوڪ هڻڻ منع آهي

(43) **ڪاڌي** ۽ چانهه وغيره کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڦوڪ نہ هڻو جو بي برڪتي ٿيندي، گھڻو گرم ڪاڌو نہ کائو، کائڻ جي قابل ٿي وڃڻ جو انتظار فرمايو.

(ملخصًا ردالمحتار ج 9 ص 491)

(44) **ڪاڌو** کائڻ مهل بہ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو، ائين نہ ٿئي جو هٿ ٿڪيا هجڻ سبب کابي هٿ ۾ گلاس پڪڙي ساڄي هٿ جي آڱر ملائي ڪري دل کي مڃائي ونو تہ ساڄي هٿ سان پي رهيو آهيان!

## پاڻي چوسي ڪري پيئڻ سکو

(45) پاڻي هجي يا ڪو بہ مشروب هميشہ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ پڙهي ڪري ننڍا ننڍا ڍڪ پرڻ گهرجن پر چوسڻ ۾ آواز پيدا نہ ٿئي، پاڻي هجي يا ڪو ٻيو مشروب وڏا وڏا ڍڪ ڀري پيئڻ سان **جگر جي بيماري** پيدا ٿيندي آهي، آخر ۾ اَلحَمدُلِلّٰه چئو. افسوس! چوسي ڪري پيئڻ واري سنّت تي هاڻي شايد ئي ڪو عمل ڪندو هجي. براءِ مهرباني! ان جي لاءِ مَشّق ڪريو ۽ اُن سنّت کي اختيار ڪريو. (46) **جڏهن** ڪجھ ٻُڪ باقي رهجي وڃي تہ کائڻ ڇڏي ڏيو.

## لذّت صرف زبان جي پاڙ تائين آهي

(47) **پيٽ** ڀري کائڻ سنّت ناهي، گهڻو کائڻ لاءِ دل چوي تہ پاڻ کي هيئن

سمجھايو تہ صرف زبان جي چوٽيءَ ڪان پاڙ تائين لذت رھندي آھي، نِڙي ۾ پھچندي ئي لذت ختم ٿي ويندي آھي، تہ ھڪ گھڙيءَ جي ذائقي جي خاطر سنّت جو ثواب ڇڏي ڏيڻ عقلمندي ناھي ويتر گھٽو ڪائڻ سان عضوا ساٽان ٿي پوندا، عبادت ۾ سُستي رھندي، معدو خراب ٿيندو آھي ۽ ڪيترن ڪي ٿولھ ٿي پوندي آھي، قبض، گيس، شگر ۽ دل وغيره جي بيمارين جو امڪان وڌي ويندو آھي. (48) **ڪاڏو ڪائڻ** ڪان پوءِ پھريان وچين پوءِ شھادت واري ۽ آخر ۾ آڱوٺو ٿي ٿي پيرا چٽيو، ”سرڪارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڏي ڪان پوءِ مبارڪ آڱرين ڪي ٿي پيرا چٽيندا ھئا. (شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

## ٿـــانءُ چــٽي ڇڏيو

(49) **ٿانءُ** بہ چٽي ڇڏيو، حديثِ پاڪ ۾ آھي،”ڪاڏي ڪانپوءِ جيڪو شخص ٿانءُ چٽيندو آھي تہ اھو ٿانءُ ان جي لاءِ دعا ڪندو آھي ۽ چوندو آھي، اللّٰہ تعاليٰ توڪي جھنم جي باھہ ڪان **آزاد** ڪري جيئن تو مون ڪي **شيطان** ڪان آزاد ڪيو.“ (ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40822) ۽ ھڪ روايت ۾ آھي تہ ٿانءُ ان جي لاءِ **استغفار** ڪندو آھي. (سنن ابي ماجه ج 4 ص 14 حديث 3271)

(50) **جنھن** ٿانوَ ۾ ڪاڌؤ ان ڪي چٽڻ ڪان پوءِ ڌوئي ڪري پي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ھڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. (احياءُ العلوم ج 2 ص 7)

# ڏوئـي كـري پيـئـڻ جـو طـريـقـو

(51) **چٽڻ** ۽ ڏوئڻ ان وقت ڇوَرائيندو جڏهن غذا جو كو جزو ۽ رس جو اثر وغيره باقي نہ رهي، تنهنكري تورو پاڻي وجهي ٿانوَ جي مٿئين كناري كان ونئي هيٺ تائين هر طرف آڱر وغيره سان چڱيءَ طرح ڏوئي كري پيئڻ گهرجي، بہ يا ٽي ڀيرا اهڙي طرح ڏوئي كري پيئندؤ تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ٿانءُ خوب صاف ٿي ويندو.

(52) **پيئڻ** كانپوءِ پليٽ يا ٿالهہ ۾ معمولي بچيل پاڻي بہ آڱر سان گڏ كري پي ڇڏڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي جو مصالحي جو كو ذرو ئي كٿي چنبڙيل رهجي وڃي ۽ انهيءَ ۾ بركت هلي وڃي جو حديثِ پاك ۾ هي بہ آهي تہ ”توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ كاڏي جي كهڙي حصي ۾ بركت آهي“. (صحيح مسلم ص 11123 حديث 1023)

(53) **پاڇيءَ** جي رس لڳل وَٽي، چمچي ۽ پڻ چانهہ لسي، ميون جو رس (JUICES) شربت ۽ ٻين مشروبات لڳل پيالن، گلاسن، جڳ وغيره كي ڏوئي، پِي كري ۽ اهڙيءَ ريت صاف كري ڇڏيو جو كاڏي جو كو ذرو يا اثر باقي نہ رهي ۽ ائين خوب بركتون لُٽيو. (54) **گلاس** ۾ بچيل مسلمانن جي صاف سٿري اوبر واري پاڻيءَ كي استعمال جي قابل هئڻ جي باوجود هَرويرو اُڇلائي ضايع كرڻ اسراف آهي ۽ اسراف حرام آهي. (ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص 567) (55) **آخر** ۾ اَلحَمدُللهِ چئو، اول ۽ آخر ماثور (يعني قرآن ۽ حديث جون) دعائون بہ ياد هجن تہ پڙهو.

(56) صابڻ سان چڱيءَ طرح هٿ ڌوئي ڇڏيو ته جيئن بوءِ ۽ سڻپ ختم ٿي وڃي.

## ڪاڏي کان پوءِ مسح ڪرڻ سُنت آهي

(57) حديث پاڪ ۾ اهو بہ آهي: (ڪاڏي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ) سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هٿ ڌوتا ۽ هٿن جي تري سان واتِ ۽ ڪرائيون ۽ مٿو شريف تي مسح ڪيو ۽ پنهنجي پياري صحابي کي فرمايو: ”عڪراش! جنهن شيءِ کي باھ ڇُهيو (جنهن کي باھ سان پچايو ويو هجي) اُن جي کائڻ کان پوءِ اهو وُضو آهي.“ ترمذی، 335/3، حديث: 1855) (58) کائڻ کان پوءِ ڏندن جو خلال ڪيو.

## پويان گُناہ مُعاف

(59) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪاڏو کائي ۽ هي ڪلمات چئي تہ اُن جا گذريل تمام گناھ مُعاف ڪيا ويندا آهن: دُعا

جا هي ڪلمات آهن: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَطْعَمَنِیْ هٰذَا وَ رَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ“ ترجمو: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن مون کي هي ڪاڏو کارايو ۽ منهنجي ڪنهن مهارت ۽ قُوّت جي بغير مون کي هي رزق عطا فرمايو. (ترمذی، 284/5) (60) ڪاڏي کان پوءِ هي دُعا بہ پڙهو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِيْنَ

ترجمو: الله پاڪ جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پيئاريو ۽ اسان

ڪي مسلمان بڻايو. (ابوداود ج 3 ص 513 حديث 3850)

(61) **جيڪڏهن** ڪنهن ڪارايو هجي تہ هيءَ دعا بہ پڙهو.

اَللّٰهُمَّ اَطْعِمْ مَنْ اَطْعَمَنِيْ وَاسْقِ مَنْ سَقَانِيْ

ترجمو: اي الله پاڪ ان کي کاراءِ جنهن مون کي کارايو ۽ ان کي پيئار جنهن مون کي پيئاريو. **(صحيح مسلم ص 136 حديث 2055)**

(62) ڪاڌي کان پوءِ هيءَ دعا بہ پڙهو:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَاَطْعِمْنَا خَيْرًا مِّنْهُ

**ترجمو:** اي الله پاڪ اسان جي لاءِ هن ڪاڌي ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کان بهتر کاڌو اسان کي کاراءِ. **(ابوداود شريف ج 3 ص 475 حديث 3730)**

(63) **کير** پيئڻ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهو.

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ

**ترجمو:** اي الله اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي هن کان وڌيڪ عطا فرماءِ. **(ايضًا)**

(64) **سرڪارِ** مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حلوو، ماکي، سِرڪو، ڪارڪون، هنداڻو، ونگي ۽ ڪدو شريف تمام گهڻو پسند هئا.

(65) **الله** جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻاڪري گوشت ۾ دستي (يعني ٻانهن وارو حصو)، گردن ۽ چيلهہ جو گوشت پسند هو.

(66) **آقاءِ** مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن کجور ۽ هنداڻو يا کجور ۽ ونگي يا کجور ۽ ماني ملائي ڪري کائيندا هئا.

(67) **ڳُرڙ** سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هئي.

(68) **ثَريد** (ڪُٽي) يعني ڀاڃيءَ جي رس ۾ ڀڳل مانيءَ جا ٽڪرا سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏاڍو پسند هئا. (69) **هڪ** آڱر سان کائڻ شيطان جو ۽ ٻن آڱرين سان کائڻ مغرورن جو طريقو آهي ٽن آڱرين سان کائڻ انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي.

## ڪيترو کائجي؟

(70) **ٻُک** جا ٽي حصا ڪرڻ بهتر آهي. هڪ حصو کاڌو، هڪ حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا. مثلاً ٽن مانين ۾ پيٽ ڀرجي وڃي ٿو ته هڪ ماني کائو، هڪ ماني جيترو پاڻي ۽ باقي هوا جي لاءِ خالي ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن ڊۆ ڪري ٻه کاڌو ته مباح (يعني جائز) آهي ڪو گناهه ناهي، پر گهٽ کائڻ جون ديني ۽ دنياوي برڪتون مرحبا! تجربو ڪري ڏسو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! پيٽ اهڙو صحيح ٿي ويندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ. الله پاڪ اسان سڀني کي پيٽ جو قفلِ مدينہ نصيب فرمائي، يعني حرام کان بچڻ ۽ حلال کاڌو به ضرورت کان وڌيڪ کائڻ کان بچائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قيلولو سنت آهي

(71) **ٻيپهريءَ** جي کاڌي کانپوءِ قيلولہ ڪريو جو ٻيپهريءَ جي وقت

ليٽڻ کي **قيلوله** چوندا آهن ۽ هي خاص طور تي رات جو عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ سنّت آهي جو ان سان رات جي عبادت ۾ آساني ٿي پوندي آهي، شام جو کاڌي کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ **150** قدم پيدل هلو، شام جي کاڌي کانپوءِ مطلقًا هلڻ بهتر آهي، اهو ڏيڍ سئو قدمن جو قول طبيبن جو آهي.

(72)**کاڌي** کان پوءِ اَلحَمدُلله ضرور چئو.

(73) **دستر خوان** کڄڻ کان اڳ ۾ نه اُٿو.

(74)**کائڻ** کان پوءِ هٿ چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري اُگهي ڇڏيو. صابڻ به استعمال ڪري سگهو ٿا.

(75) **ڪاغذ** سان هٿ صاف ڪرڻ جي منع آهي.

(76) **ٽوال** سان هٿ اُگهي سگهو ٿا، پاتل ڪپڙي سان هٿ نه اُگهو.

## برڪت وڃائڻ وارا ڪم

(77) **خليل العلماء** حضرت مفتي محمّد خليل خان برڪاتي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: ”کاڌو جنهن ٿانوَ ۾ کاڌو آهي، ان ۾ هٿ ڌوئڻ يا هٿ ڌوئي ڪري پهراڻ جي دامن يا گوڏ يا پَلَئُ سان اگهڻ برڪت کي وڃائي ڇڏيندو آهي“.

(ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص578)

(78) **کاڌو** کائڻ کان پوءِ سخت ورزش ڪرڻ يا ڳهٽي وزني شيءِ کي کڻڻ يا کِهلڻ وغيره جهڙن سخت محنت واري ڪمن سان ڇِنُ پوڻ،

اپينڊڪس (آنڊي تي سوڄ) ٿي وڃڻ يا پيٽ وڏي وڃڻ جون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

(79) **ڪاڏو ڪائڻ** ڪانپوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰه بلند آواز سان ان وقت چئو جڏهن سڀ ڪاڏي ڪان واندا ٿي ويا هجن، نہ تہ آهستي چئو. (ردالمحتار ج 9 ص 490) ڪائڻ ڪانپوءِ دعائون بہ ان وقت پڙهايون وڃن جڏهن هر ماڻهو واندو ٿي چُڪو هجي، نہ تہ جيڪو ڪائي رهيو آهي اهو لڄي ٿيندو.

## ڪنهن جي وڻ جو ميوو ڪائڻ ڪيئن آهي؟

(80) **باغ ۾ پهتو** اتي ميوا ڪِريل آهن تہ جيستائين باغ جي مالڪ جي اجازت نہ هجي تيستائين ميوا نٿا ڪائي سگهو، ۽ اجازت ٻنهي طريقن سان ٿي سگهي ٿي يا صراحتًا (واضح طور تي) اجازت هجي مثلاً مالڪ چئي ڇڏيو تہ ڪِريل ميوا ڪائي سگهو ٿا يا دلالةً (عام طور تي) اجازت هجي يعني اتي اهڙو عُرف (يعني رواج) ۽ عادت هجي جو باغ جي ڪِريل ميون کان ماڻهن کي نہ روڪيندا هجن. ان ڪانسواءِ وڻن مان ميوا پٽي ڪري ڪائڻ جي اجازت ناهي پر جڏهن تہ ميون جي گهڻائي هجي ۽ پڪ هجي تہ پٽي ڪري ڪائڻ سان مالڪ ناراض نہ ٿيندو تڏهن پٽي ڪري بہ ڪائي سگهو ٿا، پر ڪنهن بہ صورت ۾ اها اجازت ناهي تہ اتان ميوا ڪٽي اچي. (عالمگيري ملخصًا ج 5 ص229) انهن سيني صورتن ۾ عرف ۽ عادت جو لحاظ آهي ۽ جيڪڏهن عرف ۽

عادت (يعني رواج) نہ هجي يا خبر هجي تہ مالڪ ناراض ٿيندو تہ ڪِريل ميوا بہ کائڻ جائز ناهن.

## بنا پڇڻ جي کائڻ ڪيئن آهي؟

(81) **دوست** جي گهر ويڙ کا شيءِ پڪل ملي سا پاڻ کٽي کاڏي يا ان جي باغ ۾ ويڙ ۽ ميوا ڀٽي کاڏؤ جيڪڏهن پڪ آهي تہ هو ناراض نہ ٿيندو تہ کائڻ جائز آهي پر هتي چڱيءَ طرح غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، اڪثر ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪو سمجهندو آهي تہ ناراض نہ ٿيندو، جڏهن تہ مالڪ ناراض ٿيندو آهي. (عالمگيري ملخصًا ج 5 ص 229)

(82) **ڪُتل** جانور جو" حرام مغز" کائڻ ممنوع آهي لهٰذا پَچائڻ وقت گردن چاپ ۽ پُٺيءَ جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جي گوشت کي چڱيءَ طرح ڏسي ڪري حرام مغز الگ ڪري ڇڏيو.

(83) **ڪُتل** جانور جا "غُدُود" (ماس جي اندر پيدا ٿيل گوڙهي) کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي، تنهنڪري پچائڻ کان اڳ ۾ ئي ان کي ڪڍي ڇڏيو.

## ڪڪڙ جي دل

(84) **ڪڪڙ** جي دل اڇلائڻ نہ گهرجي. ان کي ڊيگهہ ۾ چار چير ڏئي ڪري يا جيئن بہ ممڪن هجي چيري ڪري ان مان رت چڱي طرح صاف ڪري پوءِ ڀاجيءَ ۾ وجهو.

## ”بِسۡمِ اللّٰه “ ڪيو“ چوڻ سخت ممنوع آهي

(85) **هڪ** شخص ڪاڏو ڪائي رهيو آهي تہ ٻيو آيو، پهرئين ان ٻئي کي چيو، ”اچو ڪاڏو کائو“ ٻئي چيو، ”بِسۡمِ اللّٰه ڪيو!“ هي تمام سخت ممنوع آهي، اهڙي موقعي تي دعائيہ الفاظ چوڻ گهرجن مثال طور چوي،”الله اوهان کي برڪت ڏئي.“ (ملخصًا از بهارِ شريعت حصو 16 ص 32)

## خراب ٿي ويل گوشت کائڻ حرام آهي

(86) **گوشت** خراب ٿي ويو تہ ان جو کائڻ حرام آهي، اهڙي طرح جيڪو ڪاڏو خراب ٿي ويندو آهي، اهو بہ نہ تو ڪائي سگهجي، خراب ٿي وڃڻ جي نشاني هيءَ آهي تہ ان ۾ سينور، بدبوءِ يا کٽي بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن رس هجي تہ ان ۾ جهڳ بہ اچي ويندي آهي، داليون، کِچڙو ۽ کٽاڻ واري ڀاڄي جلدي خراب ٿي ويندي آهي.

## ثـابـت سـاوا مـــرچ

(87) **ڪاڏي** جي اندر پڪل ثابت ساوا يا ڳاڙها مرچ کائڻ وقت اچلائي ڇڏڻ بدران ممڪن هجي تہ پهريان ڪان چوندي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ پيهي ڪري ٻيهر ڪم ۾ آڻيو. اهڙيءَ طرح پڪل گرم مصالحا بہ جيڪڏهن استعمال جي قابل هجن تہ ضايع نہ ڪريو.

## بچيل مانين جو ڇا ڪجي؟

(88) **بچيل** ماني ۽ رس وغيره اڇلائي ڇڏڻ اسراف آهي، ڪڪڙ، ٻڪري يا ڳئون وغيره کي کارائي ڇڏيو، ڪجهه ڏينهن جي بچيل مانين جا ٽڪرا ڪري رس ۾ پچائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بهترين کاڌو ٺهجي ويندو.

## ڪيڪڙو ۽ جهينگو (ڳانگٽ) کائڻ ڪيئن آهي؟

(89) **مڇيءَ** کانسواءِ درياهه جو هر جانور حرام آهي، جيڪا مڇي بنا مارڻ جي پاڻ ئي مري ڪري پاڻيءَ ۾ اونڌي ترڻ لڳي اها حرام آهي، (90) ڪيڪڙو کائڻ به حرام آهي، (91) ڳانگٽ ۾ اختلاف آهي کائڻ جائز آهي پر بچڻ بهتر آهي.

(92) **ماڪڙ** مئل به حلال آهي، ماڪڙ ۽ مڇي ٻئي، بغير ذبح ڪرڻ جي حلال آهن.

**يا ربِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي مغفرت فرماءِ، اسان کي ايترا دفعا ” آداب طعام“ جو مطالعو ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ جو کاڌي جون سنّتون ۽ آداب ياد ٿي وڃن ۽ اسان کي انهن تي عمل ڪرڻ جي به توفيق عنايت فرماءِ.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net